بسم اللہ الرحمن الرحیم



بسم الله الرحمن الرحيم

اڄ نہ او طاقن ۾ طالب تنوارين
آڏيسي اٿي ويا جي مڙيو مون مارين
جي جيءَ ڪمي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا

# مرحوم مولانا غلام علي جعفري نور الله مرقده جي مختصر بابرڪت زندگي

ليکک : مولانا سيد احمد علي نقوي المعروف سيد علي نقي نقوي



## هڪ عالم جي موت پوري عالَم جي موت آهي

# مختصر مگر برڪت ڀري زندگي

علم جي برتري جهل تي ........................................ ٤

مولانا غلام علي جعفري رحمة الله عليہ جي ولادت ........................................ ٥

علم نور آهي جنهن سان مرحوم غلام علي رھ منور ٿيو ........................................ ٦

علم عمل لاءِ پرايائين ........................................ ٧

خدمت خلق جو جذبو ........................................ ٧

استاد جو احترام ........................................ ٨

سادات جو احترام ........................................ ٩

علم جو نتيجو تواضع نہ تڪبر ........................................ ٩

باوفا دوست ........................................ ٩

مدرسہ جواديہ لڪي غلام شاھ ۾ تدريس ........................................ ١٠

سال ٢٠١٧ ۾ مدرسہ جامعة الحجت ۾ علم جي زڪوات ........................................ ١٠

مدرسہ امام مهدي عج قم تعليمي ذميداري ........................................ ١١

جامعة الحجة طلاب ۽ اساتذھ سان گڏ سير و تفريح ........................................ ١٣

جامعة الحجت جي ورڪشاپ ۾ تقسيم انعامات واري تقريب ۾ شرڪت ........................................ ١٤

ڪربلا جو پانڌيئڙو ........................................ ١٥

مسجد مقدس جمڪران جي زيارت ........................................ ١٧

سال ٢٠١٨ ۾ مشهد مقدس جي زيارت پنهنجي فرزند سان گڏ ........................................ ١٨

درد ڀريو وڇوڙو ........................................ ١٩

جيءَ جهوريندڙ وڇوڙو ........................................ ٢١

## بسم الله الرحمن الرحيم

## عشق جي سفر جي پانڌيئڙي مولانا غلام جعفري بابت ٻه اکر

الحمد لله رب العالمين والصلاة والسلام على اشرف الانبياء والمرسلين وعلى آله الطيبين الطاهرين لاسيّما بقية الله في الارضين روحى وارواح العالمين لتراب مقدمه الفداء.................................................

قال الله تبارك وتعالى هل يستوى الذين يعلمون والذين لا يعلمون

## علم جي برتري جهل تي

الله فرمائي ٿو عالم ۽ جاهل ڪڏهن ٻه برابر نٿا ٿي سگهن اهو ئي سبب آهي جو عالمن سڳورن کي ئي نبين جو ورث قرار ڏنو ويو آهي ، هر انسان ۽ عالم جي پنهنجي پنهنجي خوشبو هوندي آهي جيڪو ان سان سڃاتو ويندو آهي ڪو عالم علم جيڪري مشهور هوندو آهي ته هو فلاڻي فن ۾ ماهر آهي ته ڪو عالم پلو خطيب هوندو آهي وري ڪنهن عالم ۾ اجتماعي ۽ سوشل ۽ سماجي رابطن وارا گڻ هوندا آهن بهرحال هر عالم جي سڃاڻ ڪنهن خاص خوبي سان ڪئي ويندي آهي پر عالم حقيقي اهو ئي اهي جيڪو الله جي ڏسيل ڏسن تي هلي ان جي علم ۽ شهرت جيڪري ان ۾ تڪبر نه اچي ڪيڏو نه پلو خطيب ٿي وڃي ان ۾ وڏائي

نہ اچي ، بلڪي انهن شين کي پنهنجو وظيفو سمجهي ڪري انجام ڏي نہ تہ اهو عالم جيڪو پنهنجي علم کي شهرت لاءِ يا ٻين تي برتري لاءِ استعمال ڪري اهو حقيقي عالم ناهي بلڪي ان علم جو لبادو پاتو آهي .

## مولانا غلام علي جعفري رحمة الله عليہ جو تعليمي سفر

مولانا غلام علي جعفري ره ٩ مئي ١٩٧٥ عيسوي ۾ زوار منظور حسين ڪيريو جي گهر هن دنيا ۾ قدم رکيو ابتدائي تعليم اتي علائقي ۾ حاصل ڪيائين ان ڪانپوءِ عمر اجان ١٠ سال مسَ هئي جو مدرسہ دارالحڪمة ٻبرلوء سائين قبلہ حجة الاسلام مولانا ثابت علي نجفي وٽ ڪجهہ مهينا تعليم حاصل ڪيائون ان ڪان بعد ١٩٨٧ يا ١٩٨٨ ۾ دانشگاه جعفريہ واگهريجي ۾ وجي داخلہ ورتائين ۽ پنهنجي علمي سفر کي جاري رکيائين اتي مختلف استادن وٽ علم حاصل ڪيائين جن ۾ ابوذر سنڌ حجة الاسلام قبلہ مولانا سائين عباس علي نجفي ره سائين حجة الاسلام قبلہ مولانا سيد ارشاد حسين نقوي حجة الاسلام حجة الاسلام قبلہ منظور حسين قبلہ مولانا محمد محسن مهدوي جهڙن بزرگ عالمن وٽ ڪسب فيض ڪيائين ، ......ان ڪان بعد ١٩٩٢ عيسوي ۾ قم المقدسہ جو راهي ٿيو جتي زندگي جي آخري گهڙين تائين سائڻ

معصومہ قم س جي جوار ۾ رهيو ۽ پنهنجي ٤٣ سالن ۽ ڪجھ مهينن جي زندگي ڪي علوم آل محمد ع جي حصول ۽ ترويج ۾ صرف ڪري ڇڏيائين ، قم المقدسہ ۾ اعلىٰ تعليم قم المقدسہ جي عظيم مدرسي ۽ مرڪز مدسہ مبارڪہ حجتيہ (جتي رهبر معظم سيد علي خامنہ اي جهڙا انسان تعليم حاصل ڪر چڪا آهن) حاصل ڪيائين ۽ اتي درس خارج جو دؤرو بہ مڪمل ڪيائين ، مزي جي ۽ قابل رشڪ ڳالھ تہ اها آهي جو ايران جهڙي مرڪز ۾ پڙهڻ ڪانپوءِ بہ هن ۾ ڪڏهن هوڏ ۽ تڪبر نہ آيو هميشا زوارن سان دوستن سان فقيرن سان پنهنجن سان پراين سان نياز نوڙت سان پيش ايندو هيو .

## علم نور آهي جنهن سان مرحوم غلام علي رہ منور ٿيو

يا عنوان ليس العلم في الكتب العلم نور يقذفه الله في قلب من يشاء **امام جعفر** صادق عليه السلام عنوان ڪي مخاطب ٿي ڪري فرمايو اي عنوان علم ڪتابن ۽ اکرن ۾ ناهي علم هڪ نور آهي جنهن جي دل ۾ الله چاهي وجهي ڇڏيندو آهي .........ها!!! ان علم ڪي عمل ڪرائڻ لاءِ پرايو هيو علم ڪي نور سمجهي اخذ ڪيو هيائين علم ڪي روشني سمجهيو هيائين ، علم ڪي روحاني ترقي ۽ ڪمال جو سبب سمجهيو هيائين علم ڪي ڪاروبار

۽ شهرت لاءِ ڪڏهن به نه پرايائين پوءِ اهڙا انسان ڀلي ڪهڙي به سادگي سان زندگي گذارن هميشا خدا وٽ انهن جو مقام ۽ مرتبو بلند هوندو آهي ماڻهو ڀلي انهن کي سادو ۽ سٻاجهڙو سمجهن پر اهل بيت عليهم السلام کي اهي انسان ۽ عالم پيارا هوندا آهن .

## علم عمل لاءِ پرايائين

جنهن به انسان علم کي ان لاءِ پرايو ته جيئن ماڻهن کي ان علم جي ذريعي بيوقوف بڻائي پنهنجو مان مرتبو حاصل ڪيان ماڻهو منهنجي وه واه ڪن اهو علم ان عالم لاءِ روشني نه بلڪي قبر جو انڌيرو ۽ ظلمت آهي ۽ الله به قيامت ڏينهن ڪيس چوندو جن لاءِ پرايو هيئي انهن کان وڃي اجر وٺ جيڪڏهن منهنجي رضا ۽ خشنودي لاءِ علم حاصل ڪرين ها ته مان توکي اعلىٰ عليين ۾ جڳهه عطا ڪيان ها پنجتن جي پاڙي ۾ جڳهه ڏيائين ها !!!!!!!!!!!!!!!!

## خدمت خلق جو جذبو

ها!! اهو عالم هر طالبعلم جو هڏڏوکي ۽ همدرد هيو ٿتي ٿڏي ۾ ڪڏهن به اهو نه ڏٺائين هي طالبعلم مون کان وڏو آهي يا ننڍو آهي هميشا انهن جي ڪم آيو صرف هدف ۽ مقصد اهو هيس ته منهنجي هٿان ڪنهن جو ڪم ٿي پئي ،

اهو مان نہ قم ۾ رهندڙ هر انسان ان جي گواهي ڏيندو تہ مرحوم غلام علي جعفري رہ بغير ڪنهن فرق جي هرطالبعلم ۽ زوار جي ڪم آيو اهو ئي سبب آهي جو آيت الله فاضل لنڪراني رہ فرمايو : توهان واجبات کي انجام ڏيو ۽ ماڻهن جي خدمت ڪيو جيڪڏهن قيامت ڏينهن سوال ٿيو تہ ڪين جواب ۾ چئجو تہ فاضل لنڪراني رہ ائين چيو هو سائين غلام علي خدمت خلق کي پنهنجو وتيرو بڻائي ڇڏيو هو .

## استاد جو احترام

ها سائين غلام علي رہ استاد جي احترام ۾ بہ سڀ کان اڳڀرو هيو، ڪجھہ ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ سائين ارشاد حسين نقوي مد ظلہ جن کي پنهنجي گھر (جيڪو بلوار حافظ قم ۾ آهي) دعوت ڪيائين سندن دعوت تہ پر تڪلّف هئي پرَ سائين سان پيش اچڻ جو انداز ڳالهائڻ جو طريقو سوال جو ادب اهڙو هو جو ماڻهو اچرج ۾ اچيو وڃي ائين پيو لڳي جڻ سائين جو غلام هجي هر سوال جي جواب ۾ جي سائين حاضر سائين جا لفظ جاري پيا ٿين اهو استاد جي احترام ئي سندن سعادت اخروي جو سبب بڻيو . ۽ من علّمني حرفا فقد صيرني عبدا جي فرمان تي عمل ڪرڻ ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪيائين

## سادات جو احترام

قال الرسول ﷺ اکرموا اولادی صالحا لله وطالحالی منهنجي اولاد جو احترام ڪيو جي صالح آهن ته الله خاطر جي برا آهن مون رسول جيڪري انهن جو احترام ڪيو .ها سائين غلام علي ره سادات جو احترام رسول خدا ص جي ان حديث کي مد نظر رکندي بہ حد کان وڌيڪ ڪندا هئا ڪيترا ئي دفعا ڪنهن سيد طالبعلم کي مسڪرائي ڪري اهو چوندا هئا ته سائين اوهان جي ذات ۽ مرتبو اسان کان افضل آهي اهوئي سبق اسان کي سائين عباس علي نجفي نور الله مرقده ڏنو آهي .

## علم جو نتيجو تواضع نہ تڪبر

ها سائين غلام علي جعفري ره نهايت ۽ متواضع ۽ خوش خلق انسان هيو ڪنهن سان جهيڙو ۽ دشمني نہ ڪندا هئا سائين جو ڪلڻ اجان تائين وسري ئي نٿو بس سندن طبيعت ۾ نوڙت عاجزي مسڪراهٽ هئي .

## باوفا دوست

ها سائين غلام علي ره جن بہ انسانن سان دوستي رکي انهن سان باوفا رهيو سندن دوست قم ۾ اچڻ سان پهريون مرحوم جي گهر جا راهي ٿيندا هئا ته پهريان غلام علي سان

ڪچهري ڪيون اهو صرف ان جيڪري ته هر دوست ۽ ساٿي کي ايتري ته محبت ڏيندو هيو جو سندن دوستن کي ٻئي ڪنهن جو تصور ئي نه ايندو هيو ، ان ڪان علاوه دوستن جي ڪم لاءِ ڪڏهن به انڪار نه ڪندو هو وسَ آهر ڪوشش ڪندو هيو ته سندس ڪم پڄاڻي ته پڄائي . اهوئي سبب آهي جو مولانا غلام نبي خاڪي جيئن ئي سندس موت جي خبر ٻڌي پاڪستان ڪان ايران اچي پهتو ته جيئن وفادار دوست جي جنازي ۾ شرڪت ڪيان.

## مدرسه جواديه لڪي غلام شاهه ۾ تدريس

مولانا غلام علي جعفري ره پنهنجي بچپن جي ساٿي مولانا عبدالمجيد بهشتي جي چوڻ تي مدرسه جواديه لڪي لاءِ اعزام ڪرايو ۽ مدرسه جواديه ۾ هڪ سال ڪان مٿي تدريس ڪندا رهيا ۽ ڪيترن ئي شاگردن کي علوم اهل بيت عليهم السلام سان سيراب ڪيائون ، الله ڪين ان عظيم ڪاوش جي بدولت اجر عظيم عطا فرمائي .

## سال ٢٠١٧ ۾ مدرسه جامعة الحجت ۾ علم جي زڪوات

مولانا غلام علي جعفري ره سال ٢٠١٧ ۾ بابا سائين مولانا سيد محمد منل شاه نقوي جي دعوت تي ١٥ ڏينهن جي لاءِ سالانه تربيتي ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪئي جنهن ۾ سنڌ جي

مختلف ضلعن جي آيل شاگردن کي درس ڏنائون ۽ انهن جي تربيت ڪيائون.

ان ١٥ ڏينهن جي مختصر عرصي ۾ جامعت الحجت ۾ عقايد، فقہ ، اخلاق ، تاريخ بابت درس ڏنائون، الله ڪين ان عظيم ڪاوش بدولت ڪين اجر عظيم عطا فرمائي.

## مدرسہ امام مهدي عج قم تعليمي ذميداري

هن وقت مولانا غلام علي جعفري ره قم المقدسہ ۾ پاڪستانين جي مدرسہ مهدي عج ۾ معاونت آموزش (تعليم امور جو مسئول) جي عنوان سان مسئوليت سنڀالي رهيا هئا ان مدرسي ۾ هن وقت ڪيترائي پاڪستاني طالبعلم پڙهي رهيا آهن ۽ انهن جي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ حتما سائين غلام علي ره جو حصو آهي ۽ سندن صدقہ جاريہ آهي .

## جامعہ روحانيت جي صدارت

مولانا غلام علي مرحوم جامعہ روحانيت سنڌ قم المقدسہ جا ٻن سالن لاءِ صدارت جي عهدي تي بہ رهيا

ياد رهي !! تہ جامعہ روحانيت سنڌ قم المقدسہ ۾ سنڌ جي عالمن جي هڪ تنظيم آهي جنهن ۾ سنڌ جا سڀ طالبعلم رڪن آهن ۽ جر ڪنهن جو برابر جو حصو آهي.

## جامعت الحجت جي ورڪشاپ ۾ طلاب کي درس ڏيندي



# جامعة الحجة طلاب ۽ اساتذه سان گڏ سير وتفريح




تصوير ۾ ساڄي کان ڪاٻي مولانا مرحوم غلام علي جعفري ره ۽ مولانا سيد محمد مٹل شاه نقوي ۽ سائين مولانا الله بخش شريفي آهن سال ٢٠١٧



# جامعة الحجت جي ورڪشاپ ۾ تقسيم انعامات واري تقريب ۾






مولانا غلام علي رھ صاحب مدرس جامعة الحجت ۾ قبلہ مولانا سيد محمد مثل شاھ نقوي جي چوڻ تي ورڪشاپ ۾ ١۵ ڏينهن جي لاءِ استادي جا فرائض انجام ڏنا ......

# ڪربلا جو پانڌيئڙو




ها !!! سائين غلام علي ره هر سال مولا حسين ع جي زيارت لاءِ ڪربلا ويندا هئا اربعين جا ڏينهن جيئن ويجها ٿيندا هئا ڪربلَ جي سفر لاءِ تياري شروع ڪري ڇڏيندا هئا، ان عشق جي سفر جو ايڏو تہ عاشق هيو جو نجف کان ڪربلا تائين هر سال پيرين پيادي سفر ڪندو هيو ان زائر حسيني لاءِ مان ڇاڻو بيان ڪري سگهان جنهن جي لاءِ امام صادق ع فرمايو هجي تہ ان جو هر قدم نيڪي هر قدم توبہ هر قدم درجو شمار ٿئي ٿو ، جنهن پانڌيئڙي اهو پنڌ ڪيو هجي ڇا ان جي قبر ۾ مولا حسين ع نہ آيا هوندا ، جنهن مولا حسين ع جي هر سال چواڻ چمي هجي انهن لبن تي الله جي رحمت ڪيئن نہ نازل ٿيندي ، اهو ئي سبب آهي جنهن ڏينهن جنازي نماز ٿئي ان ڏينهن ڪڪرن پنهنجي ڇانو سان سندن جنازي جو استقبال ڪيو ، مينهن پنهنجي ابر رحمت سان سندن قبر مبارڪ تي ڇنڪار ڪيو ۽ خوش آمديد چوندي چيو اي زائر حسيني خوش آمديد اي زائر ڪربلا خوش آمديد.




**مولانا غلام علي نور الله تربتہ جو پڳدار پٽ**

**مهدي رضا جعفري**

## مسجد مقدس جمڪران جي زيارت



# سال ٢٠١٨ ۾ مشهد مقدس جي زيارت پنهنجي فرزند سان گڏ





## درد ڀريو وڇوڙو



سائين غلام علي جعفري ره هميشا آخرت ۽ قبر ڪي اهميت ڏني اهو ئي سبب آهي جو فيس بڪ تي هاڻي جڏهن مان آخري پوسٽ پڙهيم ان ۾ اهو ئي لکيل هيو ته اي انسان تون ڇاتي فخر ٿو ڪرين!! جو تنهنجو وجود تنهنجو جسم ڪجھ ڏنيهن ۾ فنا ٿي ويندو ، جيتن جڻن جي حوالي ٿي ويندو ان تي ڪهڙو تون ناز ڪرين ٿو ، ان نڪَ ، ڪنَ، منهن ، لباس تي ڪيترو ناز ڪرين ٿو جنهن جي ڪاحيثيت ئي ناهي ، مرحوم جي انهن پوسٽن مان اهو ئي سمجھ ۾ اچي ٿو ته سندس نگاهه هميشا آخرت ڏانهن هئي اهي ڪهڙا ڪمَ ڪيان جن سان منهنجي قبرَ سينگارجي ، ان سفر جي تياري ڪندي سڄي زندگي گذاري ڇڏيائين ، آخري ڏنيهن ۾ سندن مٽي ۾

شديدسور پيو ۽ پنهنجي گهر ۾ بيهوش ٿي ڪري پيا ان ڪري ڪين گلپيگاني ره اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو جتي مختلف ٽيسٽن کان بعد ۾ خبر پئي تہ سندن مٿي جي رڳ مان خون وهيو آهي ۽ اهو خون ايترو وهيو آهي جو ڊاڪٽرن



چيو بچڻ مشڪل آهي ڪجهہ ڏينهن انهيءَ هاسپٽل ۾ هئا ۽ اتي ئي داعي اجل کي لبّيڪ چيائون . عاش سعيدا ومات سعيدا.........................................

سائين جي پسماندگان ۾ سندن زوجہ ۽ ٻہ پٽ ۽ هڪ نياڻي شامل آهن سندن وڏو پٽ م مهدي رضا هن وقت جامعة المصطفیٰ العالميہ ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو آهي الله

ڪيس پنهنجي والد بزرگوار جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عنايت فرمائي.



## جيءَ جهوريندڙ وڇوڙو

جيئن سائين جي وفات جي خبر ٻڌائي وئي سيئي دوستَ ، پرين پيارا ، عالمَ ۽ زوار گلپيگاني ره هاسپٽل جا راهي ٿيا اسپتال ڪوڪن سان گونجڻ لڳي هر اک اشڪبار هئي سندن جنازي جو اعلان ٢٣ فيبروي ٢٠١٨ بروز جمعہ نماز جمعہ کان بعد جو ڪيو ويو جنازي نماز ۾ هزارن جي صورت ۾ عالمن ، مجتهدن ، زوارن ، رشتيدارن شرڪت ڪئي هر

ڪنهن جي لبن تي اهي جملا هئا : او سائين غلام علي تنهنجي وڃڻ جي مند نہ هئي!! جنازي نماز آيت الله اعرافي پڙهائي ۽ نماز ڪانپوءِ مٿس امام حسين ع جا مصائب پڙهيا ويا ،

ها سائين غلام علي!!! وڏو خوشنصيب آهين جو تنهنجي جنازي ۾ تنهنجي والد پاڪستان کان اچي ڪري شرڪت ڪئي ايتري فرصت ملي جو پيءُ ڪي جنازي ۾ شرڪت لاء ٻن ڏينهن جي مهلت ملي دوست پاڪستان کان آيئي پر قربان وڃان تنهنجي سردار امام ع تان جو پٽ ۽ ڌي گڏ هئا پر ڪين بابي جي جنازي تي روئڻ بہ نہ ڏنو ويو ، ڪين امام حسين ع



جي جنازي تان ائين گذاريو ويو جڻ ڪجهه لڳندا ئي نہ هيا ڪا بيبي روئي پئي تہ ان کي روئڻ بہ نہ پيا ڏين .

ها سائين غلام علي!!! جڏهن قبر ۾ منهن جي مولا سيد الشهداء س سان ملين منهنجا سلام ڏجان ۽ چئجان مولا تنهنجي غربت جو وڏو ارمان آهي.

يا حسين يا حسين يا حسين يا حسين ..... .

عاش سعيدا ومات سعيدا

قم المقدسہ ايران

٢٤ فيبروري ٢٠١٨ بروز ڇنڇر

رابطي لاءِ ٠٠٩٨٩١٩٥٩١٢٦٧٥

**براي مرحوم ومغفور مولانا غلام علي جعفري نور الله مرقده**

**تنظيم وترتيب**

**مولانا سيد احمد علي نقوي المعروف سيد علي نقي نقوي قم المقدس ايران**

**(سرپرست حجت مشن پاڪستان وصدر جواديہ فائونڊيشن پاڪستان)**

٢٤ فيبروري بروز ڇنڇر ٢٠١٨

حجت مشن

## مولانا غلام علي جو مختصر تعارف

لقب: جعفري ذات: ڪيريو

عمر ٤٣ سال ۽ ڪجهہ مهينا

والد جو نالو : زوار منظور حسين ڪيريو

اولاد : ٻہ پٽ هڪ نياڻي

ولادت : ٩ مئي ١٩٧٥ خيرپور ،ڪوٽڏجي ، ڳوٺ زوار آباد

١٠ سالن جي عمر ۾ مدرسہ دارالحڪمة ٻبرلو ڏانهن روانو ٿيو

١٩٨٧ يا ١٩٨٨ ۾ دانشگاه جعفريہ واگهريجي ۾ تعليم حاصل ڪيائين

١٩٩٢ يا ١٩٩٣ ۾ اعلیٰ تعليم لاءِ قم المقدسہ جو راهي ٿيو

وفات ٢١ فيبروري تدفين ٢٣ فيبروري ٢٠١٨ قم المقدسہ ايران

مدفن: بهشت معصومہ قم ايران

عاشَ سعيدا ومات سعيدا

مند ناهي موت تائب ٿيو تڪڙا

هن ڪتاب جي ليکڪ سان رابطي لاءِ هن اي ميل تي رابطو ڪيو

hujjatmission@gmail.com